# وڳ ڪيئن وسرياءِ



رَسُولُ بَخشُ پَليجو

www.sindhsalamat.com

# وڏي کڏن وسريا

رسول بخش پليجو

(سالگره نمبر)

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
گاڏي کاتو حيدرآباد

www.sindhsalamat.com

ڇاپو پهريون: سيپٽمبر ١٩٨٢ع

تعداد : ٻه هزار

ڇپائيندڙ : اشرف لاکو

ٽائيٽل : منير پيرزادو

قيمت ٣٠-٠٠ رپيا

هي ڪتاب محمد اشرف لاکي، سردار پرنٽنگ پريس گاڏي کاتي حيدرآباد مان ڇپائي سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي پاران پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com

ڪئين ڪاڻ ڪياءِ؟ ڪهڙن پنهوارين ڪرها؟
اکين مٿي اکيا، ٻـڙ ۾ ٻير گـتـاءِ!
وڳ ڪ وسرياءِ، ٻڌو جيئن گهاٽي وهن؟

منهنجا پيارا ٻچا!

ڪيترن مهينن کان سنڀرلهي سنڀرالدي ليٺ اڄ توکي هي خط ٻيو لکان. خط ٻٽ ۾ اچ وڃ جي تڪليف کي خيال ۾ رکندي مون هي خط ائين لکيو آهي جو جيڪڏهن ٻيو خط موڪلڻ جو موقعو نه به ملي ته به جيڪا ڳالهه چوڻي اٿم تنهن جا مکيه نقطا هن ۾ اچي وڃن. هن ۾ مون "بهترين جي اميد رکو ۽ بدترين لاءِ تيار ٿيو" جي اصول هيٺ بهترين جي اميد رکندي بدترين کي فرض ڪري ورتو آهي.

ان ڪري بلڪل ٿي سگهي ٿو ته توکي ائين لڳي ته هي خط گهڻي ڀاڱي غلط، هڪ طرفو، وڌاءَ

www.sindhsalamat.com

وارن اطلاعن ۾ الهيءَ جي رد عمل جي بنياد تي
لکيل آهي ۽ ان ۾ توسان يا ڪن ٻين سان
بي انصافي ٿيل آهي. ان حالت ۾ ڪنهنجي باشعور
ضمير کي اختيار آهي ته پوري تپاس، ويچار ۽
تڪ تور کان پوءِ جيڪي ڳالهيون ڪيس پوري
ايمانداريءَ سان وڌاءُ، هڪطرفائي يا سراسر غلط ۽
بي انصافيءَ واريون معلوم ٿين تن کي ذهني طرح
انهن ليڪ ڏيئي ڇڏڻ جڻ اهي لکيون ئي ڪونه
ويون هيون. انهن بابت توکي يا ڪنهن به ٻئي کي
ڪجهه به دل ۾ نه ڪرڻ گهرجي.

گذريل ڪن سالن ۾ آءٌ ٻين عزيزن، قريبن ۽
يارن دوستن سان گڏ تنهنجي باري ۾ به مختلف
ماڻهن کان حال احوال وٺندو رهيو آهيان. سڀني
وٽان مون کي هميشه ساڳي ڳالهه معلوم ٿيندي
رهي آهي. هر ڪو چوي ٿو ته تون پڙهائيءَ تي
ڪجهه ڌيان ڏين ٿو باقي پيو سمورو وقت انهن
فضول وڃائيندو رهين ٿو. ڪو عزيز قريب يا
پاڙي اوڙي جو غريب غربو يا منگتي ساٿي ڏک سک

www.sindhsalamat.com

۾ ٿورڪي ٻه ٻيو پيرٽ لاءِ چوي ٿو ته ٿون پڙهائي يا گهر جي ڪم جي ٽالي ۾ ٽپ جواب ڏيو ڇڏين.
اخبارن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايندو آهي ته فلاڻي سياستدان عملي سياست تان رٽائر ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي. ائين ٿو لڳي ته ٿون ٻه ١٤-١٥ سالن جي عمر ۾ رٽائر ٿيو ويٺو آهين.

ٻن سالن جي انهن اطلاعن مان ٿِو ٻاہت ذهن ۾ مجموعي طور هڪڙي اهڙي ذهين ۽ ٻاصلاحيت خوشحال ۽ لاپرواهه انفراديت پسند ۽ خود پرست، سابق روشن خيال ۽ ترقي پسند نوجوان جي تصوير اڀري ٿي، جيڪو هاڻ فقط پنهنجي ذات جي انفرادي سک، آرام ۽ انفرادي ڪاميابي لاءِ جيئي ٿو، جنهن جي اندر ۾ اعليٰ احساسن ۽ جذبن جي ڪابہ چڻنگ ۽ بلند آدرشن جي روشنيءَ جو ڪوبہ ذرورو سلامت نظر نٿو اچي ۽ جيڪو في الحال وقتي طور ئي سهي ذهني ۽ روحاني طرح ختم ٿي چڪو آهي.

www.sindhsalamat.com

”نڪو ليکو ئي ٿيو، نڪو ٿيو ڏينهن،
تهان اڳي ڏينهن، جنهن آئڻ وارئين!“

جيڪڏهن واقعي ائين آهي ته اهو هڪڙو نهايت دردناڪ الميو ٿيندو. نه فقط تو ۽ مون لاءِ، پنهنجي خاندان ۽ سنگت ساٿ لاءِ، پر پنهنجي ڏيهه جي ڏوٿين ۽ جهانگين لاءِ پڻ.

هڪڙو اهڙو ماڻهو جيڪو پنهنجي گهر جهڙي گهر ۾ خاص توجه ۽ ڪوشش سان اعليٰ ترين آدرشن جي روشني ۾ پلجي وڏو ٿيو هجي، جنهن جي ڪن تي علم جا پهريان پڙلاءُ ”مان“ ناول جي آب حيات جهڙن لفظن جا پيا هجن، جيڪو سڄي عمر حق جي حمايت جي جدوجهد جي ماحول جي وچ ۾ ۽ ان ۾ حصيدار رهيو هجي، جنهن ۾ جاتي جي ڪان هڙا گڻ ۽ لياقتون هجن ۽ جنهن اڳتي وڌي هڙيون صلاحيتون ۽ جوهر ڏيکاريا هجن، سو اوسر ۽ جوانيءَ جي منهن ۾ جيڪا انساني دلين ۾ عام طرح حق ۽ سچ جي تمنا ۽ تڙپ،

www.sindhsalamat.com

تلاش ۽ جاکوڙ، ان جي حاصلات لاءِ سورهيائي ۽ قربانيءَ جهڙن جذبن ۽ آدرشن جي مکڙي ڦٽڻ ۽ ٽڙڻ گل ٽيڙڻ جي موسم هوندي آهي، هيئن اکين اڳيان ڏسندي ڏسندي اوچتو ترين پر ويهي رهي، سا ڳالهه، ڪا رواجي نٿي ليکي سگهجي.

اها ڳالهه، پنهنجي جدوجهد ڪرڻ جي همت ۽ حوصلي جي فولادي قلعي جي ڪنگرن تي فخر ۽ دليريءَ سان جهولندڙ اهڙين شاندار لنيڙين جهنڊين سان هڪڙي شاندار لنيڙيءَ جهنڊيءَ جي ڪري پوڻ جي ڳالهه آهي. جيڪي شاندار جهنڊيون پنهنجي ڏيه جي ماڻهن جي پنهنجي زندگي ۽ دنيا کي بهتر بڻائڻ جي اٽل ارادي ۽ پختي ثابت قدميءَ جون خوبصورت نشانيون پنهنجي واڌاري ۽ ڪاميابيءَ جون مضبوط ضمانتون ۽ پنهنجي روشن سڀاڻ جون سڀ موهيندڙ خوشخبريون آهن.

مون کي تنهنجي ذهني ۽ روحاني ترقيءَ باٻت هميشه فڪر رهندو پئي آيو آهي، جو تہ مون کي تنهنجي راه ۾ ڪيترين سازگار ڳالهين سان گڏ

ڪيترين سنگين رڪاوٽون به نظر ايندي رهيون آهن. ان ڪري مون بار بار توکي هوشيار، خبردار ۽ مڙس ماڻهو ٿيڻ لاءِ تاڪيد ائي ڪيو آهي.

ٻهرين ڳالهه اها ته تو اجا پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي عمر سارو جهڙو چئجي تهڙو ڏک ڪونه ڏٺو آهي.

تاريخ جي هن ڏاڪي تائين، ماڻهن جي وڏي اڪثريت جي دنيا، ڏکن جي دنيا آهي. ان ڪري دنيا ۾ سڀ کان وڏو انساني رشتو سک جو نه، ڏک جو آهي. اڄ تائين ڏک ئي انساني سماجي زندگيءَ بابت ڄاڻ ۽ سمجهه جو وڏي ۾ وڏو وسيلو بڻيو آهي، جنهن سڏي يا اڻ سڏيءَ طرح ڏک نه ڏٺو آهي، تنهن کي ڏکويل ماڻهن جي هن دنيا جي ڪهڙي خبر پئجي سگهندي. روشن خيالي، ترقي پسندي ۽ انقلابيت معنيٰ ماڻهن جي اڪثريت لاءِ ڏکن جي دنيا بدلائي سکن جي دنيا بڻائڻ. جن ڏکن جي دنيا جو عذاب ئي برداشت نه ڪيو هوندو سو ان کي بدلائڻ جي ڪهڙي ضرورت

www.sindhsalamat.com

محسوس ڪري سگھندو ۽ ان تبديليءَ جو ڪھڙو قدر ڄاڻندو؟ اھڙو ماڻھو پلا روشن خيال، ترقي پسند ۽ انقلابي ڇا جي لاءِ ٿيندو؟ ۽ جي ڪنھن سبب ۽ ڪنھن وقت وقتي طرح ٿي به، پوي ته به ھميشه لاءِ ڇو ٿئي؟ ڪو به فائدو نه ڏسي ۽ ڏٺو وائٺو نقصان سمجھي به ڇو سدائين ترقي پسند ۽ انقلابي رھي؟
مطلب ھو ناھي ته جنھن گھڻي ۾ گھڻا ڏک ڏٺا سو پاڻمرادو وڏي ۾ وڏو انقلابي ٿيندو يا جنھن ذري جيترو به سک ڏٺو سو روشن خيال ۽ انقلابي ٿيندو ئي ڪونه، نه، حد کان وڌيڪ ڏک تيز پاھ وانگر آھي. جيڪي ماڻھون اندس ڏنھن کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندو. ان ڪري ٻي ھر ڳالھ، وانگر، ڏک به فقط ھڪ حد تائين فائديمند آھن ۽ سو به تڏھن، جڏھن مندس ڪوڙاڻ پيچڻ لاءِ ماڻس کي گھڻيون نه ته ٿورڙيون مٺھيون ٿلھيون خوشيون به شامل ھجن، يعني ڪجھه ڏک ته ڪجھ سک. خوشيءَ جي ملاوٽ کان بلڪل خالي ٻنھ، حد کان وڌيڪ ڏک نقصانڪار ٿيندو

www.sindhsalamat.com

حد ڪيتري هجي؟ اهو هر ماڻهوءَ جي جسماني، ذهني، روحاني قوت ۽ سهپ تي مدار رکي ٿو.

ــ ۽ خوشيءَ جي معنيٰ ڇا ؟ ٻين لکين قسمن جي خوشين کان سواءِ، پيارن پيارن ماڻهن سان روبرو يا ڪتابن ۾ ملاقات به خوشي آهي. ماڻهن جي سچي ۽ باشعور عزت به خوشي آهي. ضمير جو اطمينان به خوشي آهي. ٻري کي سيکت ملڻ جو تصور به خوشي آهي. ميدان جي ڪاميابي جي اڪ به خوشي آهي. ۽ ڏک؟ اهو به ماڻهوءَ ماڻهوءَ تي ۽ ماحول ماحول تي مدار رکي ٿو. ٻين هزارين لکين ڳالهين کان سواءِ ڪنهن ناول ۾ ڏکويل مظلوم ماڻهوءَ جي ڳالهه، پڙهڻ به ڏک آهي، هزارين سال اڳ جي ڏکويلن جي ڳالهه ٻڌڻ به ڏک آهي. سمورين انسالذات جي سمورين پيڙائن جو تصور به ڏک آهي ۽ انهن سڀني ڏکن جو هڪڙو ڪو نه ڪو تدارڪ نه ڪري سگهڻ سڀني کان وڏو ڏک آهي.

www.sindhsalamat.com

ماڻهوءَ جي ڏکن ۽ خوشين ۾ خاص ڪري ڏکن ۾ ڀاڱي ڀائيوار هجڻ کان سواءِ هن دور ڏانئين جو انسان دوستيءَ جو ڪم لهي سگهي ٿي ته سوين سال اڳ لطيف انساني زندگي ۾ ڏک جي احساس ۽ شعور جي ۽ ٻين سورن ۾ شريڪ ٿيڻ جي اهميت جو ذڪر هيئن ڪيو آهي:

ڏيکاريس ڏکن، گولڊر گس ٻرين جو،
ٻسو ٻرائن سورن آڏو سهڻي،
ساجن مليس سور، سک نہ ميڙيس سڀرين۔

......

سکن مون سين ڪين ڪيو، سورن لڌيم سارون،
سو سکن ڏيڻي، ورهہ وهايم هڪڙو؛
ٻتي گوڏ گرت، ساٿو ڪجي سور جو۔

ظاهر آهي تہ هي شعر شاعرائي وڏائي کان خالي ناهن۔ ٻر انهن ۾ اها بنيادي عظيم عالمي تاريخي سچائي سمايل آهي، تہ انسانيت جي زبردست اڪثريت جو ساٿ ڏکن جو ساٿ آهي۔ جيڪو

www.sindhsalamat.com

ماڻهو انسانيت دوست وات وٺندو سو جڻ هٿ وٺي پنهنجي هٿيءَ جي اڪثر عام سکڻ تان هٿ کڻي پنهنجي هٿيءَ جي عامَ ڏکن کان به وڌيڪ لوان ڏک سودي ٿو. اهو دليا جو وڏي ۾ وڏو سودي جو ڪاروبار آهي. گوتم ۽ عيسيٰ ۽ انهن کان گهڻو اڳ کان وٺي اڄ تائين ڪيترا ئي ماڻهو اهو ئي ڪاروبار ڪندا، جڳ جرڪائيندا ۽ جڳ جڳ جيئندا رهيا آهن.

سڄي جهان جي انهن ڏکن جي زهر کي چکائي هو ان مان اعليٰ انسان دوست سرت ۽ سمجهه جون روشنيون، تعليمي عمل جون ماکيون مصريون، خوشي جون خوراڪون ۽ عزت ۽ شان جون سرهاڻيون بڻائيندا رهيا آهن.

قائل ڪمائي ڪري، وه ماکي جي ڪن،
وڏان ويهي تن، ٻج کي ٻياليون.

سکڻ عيوض سور سورڻ وارا اهي سوداگر ئي هن ڌرتي جي سوين صدين جو بهترين فصل آهن.

www.sindhsalamat.com

اهي سرواڻ الهيءَ وکر جا سونهارا ساٿ پري، ٻرن، ٽرن، جبلن ۽ جهنگن ۾ روشنيون ۽ سرهاڻيون ٻکيڙين ٿا ۽ ٻرن پنيورن کي اجاري، لوڪ جي دلين تان هور ۽ خوف لاهي، ڏکين کي ڏِکَ وهارين ٿا:

ٻر مڙيوئي ٻوءِ، ڇپر ڇانيون سکيون،
کيائين سرهين، واسائين وڏکار،
اڇي آريءَ ڄام جو، وڻ وڻ منجهان واس،
ٻرو هو پنيور، آرياڻيءَ اجاريو.

حد اندر ڏکن سان گڏ حد اندر کي ته کي سنها ٿلها، وڏا ننڍا سک ۽ سهوليتون به ماڻهوءَ جي شخصيت ۾ انقلابي واداري لاءِ فائديمند آهن پر جيئن ته اچ ڪالهين جي انسان جي زندگيءَ ۾ ڏک گهڻا سک ٿورا، ڏک بنيادي ۽ سک ثانوي آهي. انڪري زندگيءَ جي صحيح سرت ۽ سمجهه عام طرح فقط ان کي هوندي جنهن وٽ ڏکن ۾ سکن جو صحيح توازن هوندو يعني جنهن وٽ ڏک

www.sindhsalamat.com

ٻجو احساس ۽ شعور وڌيڪ ۽ عام ماڻهن جي حاصلات انهن جي ڀيٽ ۾ ٿوري هوندي. جنهن وقت ڏک ٿورا ۽ سک گهڻا هوندا. انهن جي زندگي بابت حرڪت ۽ سمجهه ۽ انهن ڏانهن رويو عام طرح صحيح نه ٿي سگهندو.

تنهنجي اڄا عمر ننڍي آهي. ۽ تو انهن عمر سارو به ڏک ڪونه ڏٺا آهن. (گورڪيءَ جي ٻالپڻ ڪيئن ٿو ڀانئين، تو پنهنجي عمر سارو پنهنجي عمر جي ٻين ڪيترن ٻارن وانگر بکون، ڏک، ڏکا، ڏومان، رولاڙا، تنگيون، مجبوريون، بيوسيون، محروميون، ذلتون، خواريون، وير ۽ دشمنيون ڪونه ڏٺيون آهن. تو تان اوچتيون چڙهون ڪونه ڪريون آهن. توکي اڄا ٻراون ڪلهن تان لهي پنهنجي پيرن تي ٻيهڻ تي مجبور ڪونه ٿيو آهين. توکي هن پرائي جهان ۾ ڪڏهن به اڪيلو ۽ بي يارو مددگار ڪونه ٿيو آهين ۽ توتان ڪڏهن به "آءٌ" اڪيلو سامهون مٿ وارو وقت نه آيو آهي. تون جسماني يا ذهني يا روحاني طرف ڪڏهن به زندگي

www.sindhsalamat.com

۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا ڪُولہ ٿيو آهين.
تو مري جي ڪولہ ڏنو آهي. انهين ڪڏهن به
ڪولہ ٿيو آهي جو تون هڪڙو ٻيرو جسماني يا
ذهني يا روحاني طرح جڻ مارجي ڇڪو هجين ۽
ٻوڙ وري تو ۾ جڻ ڇُٽي ڇُٽي مس ساهہ ٻيو هجي،
نہ وري تون اهڙي ماحول ۾ رهيو آهين جتي
تنهنجي آسپاس ۽ زلد ڪيءَ جون قاتل حقيقتون روز
تنهنجي جسم، ذهن ۽ ضمير تي مترڪا هڻي تو ڪي
پل پل مندڻ وجود جو عذاب برپا ڪرڻ تي
ڪنديون رهن.

ٻئي طرف تو ڪي تنهنجي پنهنجي طبقي جي
تنهنجي همعمر ٻارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سک ۽
سهولتون ميسر آهن. درحقيقت تون هڪڙو تمام
ننڍڙو ئي سهي، پر هڪڙو هوند وارو ماڻهو ٿي
ويو آهين. تو وٽ موٽر سائيڪل آهي. تو وٽ
پنهنجو خلاصو ڪمرو آهي. ڪئين ٻيون شيون آهن.
اهڙي ريت تون هن ننڍي عمر ۾ اڻ هوند وارن
جي برادريءَ مان نڪري ٿورڙي گهڻي هوند وارن

www.sindhsalamat.com

جي ٻرادريءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهين. لطيف سائين جوئي ٿو ته هونءَ ٻوجهو آهي. ٻوجهي وارو ماڻهو ٻنا ٻوجهي واري ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ هلڻ ۾ ڏکيو ٿيندو. هونءَ وارا ڳورا آهن. وڏيون منزلون ڪري نه سگهندا. اڻ هوله وارا هلڪا يا (لطيف جي ٻوليءَ ۾) هورا آهن. ڳورن ۽ هورن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. هونءَ واريون ٻوجهي واريون، ڳوريون پانڌياڻيون سنيرالدي ڳوٺ رهجي وينديون ۽ اڻ هونءَ واريون هلڪيون يا هوريون ڏيسين وڃي هاڙهي جي هن پار پهچنديون!

هورين هاڙهو لنگهيو، ڳوريون پاسي ڳوٺ!
ڪيچ تنين کي ڪوٺ، 'ڪين' جنين جي ڪڇ ۾.

...... 

کهي جا ''ڪين'' کڻي، پرينءَ پٺتي سا،
هوندڙا هوت پري، اوڏو آ اڻ هوند کي.

......

www.sindhsalamat.com

هوند جنهين ۾ هوءِ، هوت نه هوندو تن ۾،
نڪا هٿ نه هٿ ڳوري منجهي ڳالهه،
ڪين پڇي مال، حال پڇي هوت کي.

ظاهر آهي ته هي ڳالهيون قطعي ۽ تنگ معنيٰ ۾ اکر به اکر نه ٿيون ٿي سگهن. ها اهي بنيادي، نسبتي ۽ وسيع معنيٰ ۾ بلڪل صحيح آهن.

چوندا آهن ته ڏڍ جهلي هڪڙو واڻيو پيو ويٺو هو. پاڻ جهڙن ماڻهن لاءِ موٽرسائيڪل ۽ هڪڙو سوار تي ڏينڻ جهڙو ڪم رو به جبل جيڏا مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا ۽ چاهي ڏوهه ڪنهن جو به هجي. پر ليلا جي هار وانگر دوستن ۾ دوريون پيدا ڪري سگهن ٿا.

ان گهوڙن هنئي گهٽيون، دوستن سان دور ڪيرا تون ورهيت عوام جي زلد ڪيءَ ڪان گهڻو پري رهيو آهين ۽ سندن رهڻي ڪهڻي جو اثر تمام وڏي ڳالهه آهي. چوڻي آهي ته "سڳا سي جن جا پڪا اوڏڙا!" لطيف به چيو آهي.

www.sindhsalamat.com

گڏ جت گذران هو، جڙ لڳي تنهن جاءِ.

ماڻهو جهڙي ماحول ۾ رهي ٿو، جهڙي قسم جي ماڻهن سان گڏجي گذران، اٿ ويهه، واقفيت ۽ دوستي ڪري ٿو انهن جا خيال، چڱائي برائي جا ماپا ۽ معيار، پسنديون ۽ ناپسنديون، امنگون ۽ آدرش شعوريءَ ۽ لاشعوري طرح سندن لونءَ لونءَ ۾ سمائجي وڃن ٿا ۽ سندن قلب ۾ روح ڪي اڻ لکين زنجيرن ۾ جڪڙيو ڇڏيو ڇڏين!

من، اکيون، تن تت، جتي جنب جيڏين!

مڙس ۽ نامڙس، رجعت پرست ۽ ترقي پسند وغيره ماڻهن جي وچ ۾ فرق جي بنيادي ڪارڻن مان هڪڙو بنيادي ڪارڻ رهڻي ڪهڻي جو فرق ۽ تضاد به آهي. ڪو ماڻهو عوام سان پيار ۽ سندس خدمت ڪرڻ جون ڪيڏيون به ڳالهيون پڙهي، پڙهي ۽ ڪري. پر جي سندس رهڻي ڪهڻي سراسر عوام جي ابتڙ هوندي خواهش ۽ نيت ڪيتري ڪهڙي به سٺي هوندي ته به عام طرح، هو عوام دوستي

www.sindhsalamat.com

۽ عوام جي خدمت جي ڳالهين تي مضبوطي ۽ ثابت قدميءَ سان ۽ ٽوڙ تائين هرگز قائم رهي نه سگهندو. ان ڪري ڪهڙيءَ سان گڏ رهڻيءَ جي بنيادي اهميت آهي شاهه تڏهن هئن چيو آهي،

تنهن ڪهڙيءَ ڪيو ڪوه؟ جي رهڻي نه رهيو سپرين.

جي رهڻي سپرين کي رهائڻ جي لائق نه هوندي ته سگهي وات جي ڪهڙي ڪيس ڪهڙو پاڻ ڏانهن ڇڪي پاڻ وٽ رهائي سگهندي؟

هي جي هيترا ماڻهو ڳالهين جي وڏي عرصي تائين بي مثال جاکوڙن، قربانين ۽ سورهيائين جي باوجود ٽوڙ تائين سچا عوام دوست ۽ انقلابي نٿا رهي سگهن ۽ هڪڙي ڏينهن اوچتو ئي اوچتو ڪنهن ٿڪاءُ جي مرض ۾ ورتل پڪري والگر نڪاءُ ڏيو پورا ٿيو رهن يا آهستي آهستي پوئتي هٽي ختم ٿيو وڃن سو ڇو؟ يا ته ماڻهوءَ کي اصلوڪي غلط رهڻي ڪهڙي جي لاڙاڪي نڪ جي اوچتي ڇڪ پوندي آهي يا هو آهستي آهستي

www.sindhsalamat.com

پنهنجي اصلوڪي صحيح رهڻي ڪهڻي بدلائي دشمن طبقن جي غلط رهڻي ڪهڻي جي ڏيڻ ۾ قائمي ٿيندو آهي.

جڏهن اسين انقلابي ماڻهو عوام دشمن جي طرفان، سندن پنهنجي ناجائز مفادن خاطر، عوام واسطي مقرر ڪيل ۽ مٿين گمراهيءَ ۽ زبردستيءَ وسيلي مڙهيل رهڻي ڪهڻي، معيار زندگي ۽ فيشن جي ڪسوٽين کي رد ڪري، پنهنجي عظيم مقصدن جي روشني ۾ پنهنجي حقيقي ضرورتن، سکن ۽ آسائشن جي شين ۽ ڳالهين لاءِ ڪوشش ڪنداسين ته اسين ڏسنداسين ته اسين زندگي جي هڪڙي زبردست جنجال ۽ ٻوڙا مان ڇٽا آهيون. هڪڙي گولاپ ۽ غلامي مان آزاد ٿيا آهيون. ڇڻ هڪڙو جنبو اسان جي ڳچي مان لٿو.

اسين گهٽ پورهئي مان گهڻيون وڌيڪ بهتر ۽ ڪارائتيون ۽ ٺل گهريون شيون ۽ ڳالهيون حاصل ڪري سگهنداسين. اسان کي ٻاڪڙن وانگر اجائي هڻ هڻان ۽ ڇتي وٺ وڙان ڪانه ڪرڻي پوندي ۽

www.sindhsalamat.com

اسان کي سک ۽ آرام ولدر ۽ ورونهن ۽ پنهنجي بهتري واسطي سوچ ويچار لاءِ ڪجهه وقت به بچي پوندو.

هڪ سمجهو ۽ باشعور انقلابي مزدور ۽ مارو ماڻهوءَ جي رهڻي ڪهڻي اختيار ڪرڻ سان چڻ ڪنهن اسم اعظم جي قوت سان اسين ڪتن جي ڪير ڪان پڇنڊڙ، ڏڏل، هراسيل ۽ هوش خطا ٿيل ڏڪندڙ سهي سان ڦري شينهن جا بچا ٿي پوندا سين. ان رهڻي ڪهڻي ۾ ڪو اهڙو عجب اسرار سمايل ٿڻي ٿو جو ماڻهوءَ جي ڪايا پلٽيو وڃي.

ڪوڪت آهي ڪو، مسي پنهوارن ۾!

ان باري ۾ لطيف سائين اسان جي صاف ۽ روشن رهبري ڪري ٿو.

هر ڳالهه ۾ چالو نظام جي چالو غلط شين، ڳالهين، ڪسوٽين ۽ معيارن جي نه رڳو مخالفت ڪريو بر ان جي جاءِ تي، الهن جي عين ابتڙ صحيح شيون ۽ ڳالهيون ۽ ڪسوٽيون ۽ معيار قائم

www.sindhsalamat.com

۽ رائج ڪريو. اهي ڏسڻ ۾ ڀل ڪيڏيون ۽ انيڙيون، خسيس، ڪنهن جي نظر ۾ نه اينديون، ڪنيون، ڪوجهيون ۽ اولڏيون اهيون هجن پر انهن تي شرمسار هرگز نه ٿيو. انهن بابت معذرت به نه ڪريو. انهن جو حقيقي ۽ اڻ لکو قدر ۽ قيمت سڃاڻو، سمجهو، مشهور ڪريو، مارا هيو، ڳايو ۽ وڄايو!

اڪي الٽي ڏارونء، اپتو عام ڪان
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اونچو وه اوڀار.

هوڙن هنڌن تي لوڪ جي معنيٰ آهي غلط نظام جي غلط ڪسوٽين ۽ معيارن جي الٽي پوڄا ڪندڙ گمراه ماڻهو.

عوام دشمن جي نظر ۾ جيڪي آهي سو نام نهاد. قيمتي شيون، سون، رپيو ۽ انهن جا مالڪ اهي ئي ماراه جا، پيروي جا، دوستي جا ۽ عزت ۽ احترام جا لائق آهن. اوهين انهن شين ۽ سندن مالڪن کي رد ڪري ڇڏيو، ٿڏي ڇڏيو. انهن کان نفرت

www.sindhsalamat.com

ڏاريو. اوهين وري نامرنهاد حسين شين ۽ انهن جي مالڪن کي سيکجهه، سمجهو انهن کي ئي ساراه، دوستي ۽ عزت ۽ احترام جي لائق سمجهو.

پنهنجن سان ڪاٺو، پنهنجن جهڙو ڪاٺو، انهن جهڙو ڀريو، انهن وٽ ويهو، انهن جي پوڏ کي جيءَ سمجهو، دشمن جي آڏرياءَ کي ٺوڪاري ڇڏيو. محلن ۽ ماڙين کي گندو ۽ غليظ سمجهو ۽ انهن ۾ ويهڻ جي غلاظت ۽ کن ۾ اچي ڌوئي صاف ڪريو. پنهنجي ملڪيت ۽ هجڻ کي شرم ۽ فخر ڪريو. ملڪيت جا نه، مڙس جا ٻت ٺهو. شين جا پوڇاري ۽ ۽ مائهن جا ٻت ٺيو. پوءِ ليٺ ڪنهن منزل تي اوهين سچي ملير جا مالڪ ٿي ويندا ۽ هيءَ دنيا اوهان جي قدمن ۾ سر جهڪائيندي،

ننگا آهيون نڪٽا، اسين سارو لوڪ
مارن ري ۽ سچ! سيهو پانئج سون کي.

دوستي ڪنهن سان ڪجي؟

جن ڪراين ڪچ جسا، ور ساهيڙيون سي.

......

www.sindhsalamat.com

ڪراين ڪروڙ جا، چوڙا ڪوڙا جن
سو سرڪ ماروئڙن، جهان لوڪ اڄ ٿئي.

......

ڪارا ڪراين ۾، سون اسان کي سوءِ.

......

جنهن سنڌي ٻوڏ ۾، ٻيٽيون ٻيٽين جيءُ
تن! ٿنين سان ائين، اوڏا اڏ ٻڪڙا.
ڪاڏا ڪنهن سان ڪائيجن؟

ورجين سين خوع، فاقو فرحت پائيان!

......

ور اباڻي سدن اڄ، ڪوءِ شربت ٿنهنجو سوسرا.

......

ڪوءِ سين طعام ٿنين جا، ور سا ڏونرِ ڏوئي!

......

ٻکن ۾ ٻڌهي، شل سحان جو سر ڏوڻان.
باعزت ۽ باوقار رهڻي ڪهڙي ڇنجي؟
ٿوري وقت قرارنا، رهڻ سهر سٿ
ڪٿي ۾ ڪيهه ٻڪلنا، ٻوڻن اهڙيءَ ٻيت
ٻنهوارڪي ٻت ٻڌهي ٻچ سليسر ۾!

www.sindhsalamat.com

(ڏورو ڪاٺن ڏنا، گهٽ ڪپڙن ٻدران هڪڙيءَ ڪٽيءَ ۾ ويڙهيل آهن ۽ ٻدان تي متي لڳل اٿن، ٻدن ۾ گهٽي طاقت ۽ دل ۾ قرار اٿن ۽ سڀني ڪان اچي ڏس ته سڀجي ملڪ ۾ پت ۽ شان ڪيڏو اٿن!)

اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته ڏالي وارن ماڻهن جا ٻار يا اڪيلا ٻار يا ڪنهن ٻه سبب دادلا ٻار يا گهٽي ٻاگي عورتن جا پاليل ٻار يا لنڊي هولڊي ٿي ڏالو ڪيلدڙ ٻار وڏي هولڊي ڪو خاص جوهر ڪولهه ڏيکاريندا آهن.

ڏالي وارن ماڻهن جا ٻار پنهنجن سائٽن جي ڏالي ۽ شهرت جي چالو ۾ ٿي مزا ڪندي پورا ڏي رهندا آهن. پيو ته عام طرح ڏالي وارا ماڻهو پنهنجي گهر ٻبي ٻاتين ڏوڙي پنهنجي زير اثر ماڻهن کي پنهنجون شخصيتون صحيح معنيٰ ۾ اجاگر ڪرڻ ۾ نه رڳو مدد گهٽ ڏيندا آهن پر اٽلو کين ايرڻ ٿي ڪونه ڏيندا آهن. تيون ته هوئٽن ٻه هو هنن جي پيٽ ۾ پتڪڙا لڳندا آهن ۽ احساس ڪمتري وچان انهن جو نقل ڪندا رهجي

www.sindhsalamat.com

ويندا آهن. اڪيلا يا اڪثر عورتن جا ٻاليل ٻار گهڻي پيار ۽ دادلاڻپ جي ڇاڏي ڇالوَ ۾ عمر گذاريندي اهي اعليٰ ڳڻن پرائڻ کان محروم رهجي ويندا آهن. جيڪي ڳڻ فقط زندگي جي اٿهڻ آس ۾ ئي پرائي سگهبا آهن.

انهن ڳالهين کي خيال ۾ رکي منهنجي اها هميشه سوچيل سمجهيل ڪوشش ٿي رهي آهي ته تنهنجي رهنمائي ڪجي پر توتي اجايو دٻاءُ نه وجهجي. توکي پيار ڏجي پر دادلو ٿيڻ کان بچائجي. توکي اجائي سک، پيار، شهرت، شين، ٿيڻ ۽ آرام جي مٺي زهر کان بچائجي، منهنجي عمر جي ٻين غريب ٻارن وانگر ڏک سک ڏسين، گهر جي ڪنڌ مان ٻاهر نڪري، ڌڪا ڌوما کائي، سچي، موري، محنتي، جفاڪش ۽ جاڻو انقلابي مڙس ماڻهو ٿيندين.

انسان جا وڏي ۾ وڏا مسئلا ۽ مقصد اهي آهن جيڪي رڳو ڪنهن اڪيلي ماڻهو يا گهر جي نفعي نقصان جا ناهن لڪي ڪي ڪنهن اڪيلي ماڻهو يا گهر جي ڏگهي عرصي جي ڪوشش سان

www.sindhsalamat.com

حل يا حاصل ٿي سگهن ٿا. پر اهي اهي آهن جيڪي گهڻن جا گڏيل آهن ۽ گڏپ وارين ڪوشش سان ئي حل ٿي سگهن ٿا. الهن سان گڏ بلڪ اڪثر انهن مان ئي ڦٽي نڪتل پيا انفرادي لنڊڙا روزمره جا مسئلا ۽ مقصد به آهن جيڪي هڪڙي ماڻهو يا هڪڙي گهر جي فوري يا ٿوري وقت جي ڪوشش سان فوري يا جلد حل ڪرڻ جا آهن. اهي ٻنهي قسمن جا الفعا ۽ نقصان پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن، هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿا، هڪٻئي کي متاثر ڪن ٿا، هڪٻئي ۾ سمايل آهن، پر الهن ۾ بنيادي اهميت گڏپ وارن مقصدن کي آهي. مثلاً جي گهڻن جي گڏيل فائدي وارو گڏپ جي ملڪيت وارو گهٽي ۾ ڪافي عرصي جي محنت ۽ خرچ سان تيار ٿيل کوه ئي نه هوندو ته ڪا پاڻي پرڻ سويل وڃي يا جي دير سان وڃي ته ڇا؟ گهڙو لنڊڙو ڪٽبو ته ڇا ۽ جي وڏو ڪٽبو ته ڇا؟ گڏپ وارو ۽ گڏيل فائدي وارو اسڪول ئي قائم نه ڪرائبو ته پڙهائي تي انفرادي محنت ڇا جي

www.sindhsalamat.com

ڪبي ۽ هوشيار ڇو جٽ شاگرد جي وچ ۾ فرق جو ڪهڙو فائدو؟ گڏيل فائدي جو واهه ئي اِهو هوندو ته پلي فصل لاءِ هرڪنهن جي پنهنجي پنهنجي الڳ الڳ محنت آهر ڪيترو فائدو ڏيڻي ڪيترو ڏيندي؟ جي قومون يا طبقا آزاد ئي نه هوندا ته منهن سڌاري ۽ واڌاري جون عظيم اسڪيمون ۽ شاندار پروگرام ڪهڙي ذاتي ڪم ايندا؟ ڦورو ۽ ظالم نظام جي والي ۽ وارثن لاءِ ماڻهن جي بنيادي، وڏن ۽ گڏپ وارن مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ ئي منهن واسطي موت جو پيغام آهي. هو هميشه چاهيندا ته هرڪو ماڻهو اڪيلي سر پنهنجي گرڪنهن ۾ ئي پورو هجي. گڏپ جي بنيادي ۽ وڏن فائدن وارين ڳالهين کان بي خبر رکيو پيڪڙن ۽ خسيس روزمره جي ننڍن نقصانن لاءِ چاڪيءَ جي ڏاند والگر سڄو ڏينهن ڦيرا ڏيندي، حياتي جا ڏينهن ڪاٽي وجي ڦٻر پيڙو ٿئي. وڏن بنيادي گڏپ وارن لفعن نقصانن جو ماڻهن کي احساس ٿيندو ته ڪڍن پاڻ ۾ پڌي ۽ گڏپ جو احساس ٿيندو. منهن

www.sindhsalamat.com

دماغ، ذهن ۽ دليون ڪشاديون ٿينديون. سندن نظرون وري تائين ڏسڻ لڳنديون. سندن سوچ مٿي آڏامندي. سندن خواب وڏيڪ شاندار ٿيندا. ان حالت ۾ ڦورن جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟

جهڙا ۽ جيڏا زندگي جا مقصد، اهڙا ۽ اوڏا خيال، اهڙي ۽ اوتري نظر ۽ اهڙو ۽ اوڏو ماڻهو، جيڪو ماڻهو پنهنجي خوشي يا بي سمجهي يا مجبوري سبب روزمره جي انفرادي نسبتاً ننڍڙن مقصدن سان گڏ ڊگهي عرصي جي گڏپ وارن وڏن مقصدن کي ڌيان ۾ نه رکندو ۽ انهيءَ لاءِ ڪا حصي رسيءَ آهر پاڻ نه پتوڙيندو ۽ پنهنجي نظر ۽ پنهنجا خيال فقط روزمره جي نسبتاً خسيس ۽ پتڪڙو ٿي پوندو. ان خسيس ۽ پتڪڙي ۽ پاڻ ۾ ٻي پوري ماڻهو کي دنيا جو ٻيو هر غريب ماڻهو فقط پنهنجو رقيب ۽ ويري نظر ايندو، ٻيو ڪجهه به نه. جنهن جي ذهن ۾ گڏيل مقصدن جو وهم گمان به نه هوندو اهو گڏپ کي ڇا ڪندو؟ اهو ٻين پاڻ جهڙن سان ٻڌي، ڦرب رکڻ، ساڻن منظم ٿيڻ، ڪلهو ڪلهي

www.sindhsalamat.com

۾ ڏيئي هلڻ مان ڇا ڇاڻي؟ ان ويچاري جي زندگي فقط پاڻ جهڙن مان ڳرندي، ڏنـد ڏيندي، ڏاڙهيندي، ماڻن وير، ساڙ، حسد ۽ ڪيني ر ڪندي سڙندي ۽ پچندي، پين تي خسيس پدتريون حاصل ڪري خوشي ۽ وچان ڪڳيون هڻندي، پنهنجن هيٺن کي لتون هڻي ڪيرائيندي ۽ پنهنجن دشمن اڳيان پيچ لوڏيندي ۽ سندن هٿ پير چٽيندي گذري ويندي. ڦورو ۽ ظالم نظام جي ڪم لاءِ اهڙا جوان ڪي پيا؟

ان ڪري هر ڦورو ۽ ظالم نظام ماڻهن کي گڏپ بندران اڪيلائي، انفراديت پرستي ۽ پنهنجو منهن وٺـي هلڻ جو سبق ۽ حڪم ڏئـي ٿـو. هر قيدي پنهنجي پنهنجي ڪولي ۾ بند هجي! ڪوبه پاڻ ۾ نه ڳالهائي! قيدين پاڻ ۾ ڳالهائي وڏو ۽ گڏجي پيا ته پوءِ قيد جي ديوارن جو ڇا ٿيندو؟ هر اهڙو نظام ماڻهن کي گڏپ، گڏيل مقصدن، گڏيل سوچن، گڏيل ڪوشش کان پنل پل سختين سان روڪي ٿو. ڦـورو ۽ ظالم نظام جـي وسيع قيدخاني يعني سندن غلام سماج جي قيد جي قانونن

www.sindhsalamat.com

يا جيل منسوئل ۾ وسيع نظري، فراخدلي، بي لالچي، دورالديشي، همدردي، سات، گڏپ، ڀائيچاري، دوستي، محبت، خود قرباني، همت، سورهيائي ۽ ثابت قدمي وغيره. ڳالهيون سڀڪين ڪان سڀڪين ڏره آهي. هنن جو قالون ڀاڻ ۾ وير، ڪيني، بغض، اڪيلائپ، خود پرستي، خود غرضي، شين جي پوڄا ۽ ماڻهن لاءِ ڌڪار جو سبق ۽ حڪم ڏئي ٿو. جيڪو ان قانون جي خلاف ورزي ڪري ٿو تنهن کي هڪڙي پاسي گڏيل مقصدن، گڏيل ڪوشش ۽ گڏيل حاصلاتن جو عام طرح ڪوبه رستو هٿ لڳو اچي ۽ جي اچي ٿو ته اهو جلدي وڃيو ڪنهن اوجهڙ ۾ پوي يا اهڙو ڏکيو، اڙانگو اڪريو پوي جو ڪٿڻ جو ۽ منزل تي رسائڻ جو ڏالو ئي لڳو وڃي. ٻئي پاسي ڪيس نظام جي نافرماني ڪرڻ جي ڪري اڻ هوند، محرومي، بي عزتي، سماجي ناپسندي ۽ ڌڪار ۽ جسماني تڪليفن ۽ اذيتن جي سزا ملي ٿي.

ان ڪري عام طرح هر ذهن، هر گهر، هر گروه،

www.sindhsalamat.com

شعوري توڙي لاشعوري طرح گڏپ جي شاالدار شاهي سڙڪ کي سماجي خودڪشي ۽ تباهيءَ جو رستو سمجهي ان کان ونءُ وجي ٿو. هو اڪيلائپ، انفراديت پرستي، جنس پٺي، خود پرستي، خود مطلبي، خود غرضيءَ جا ۽ ساڳيءَ پدران شين جي پوڄا جا سوڙها پيچرا وٺي ٿو.

جن گهرن يا گروهن ۾ ڪي سٺي ڦريل ماڻهو ان جي ابتڙ، گڏيل مقصدن، ڪوششن ۽ حاصلاتن جي سوچ ڦهلائڻ ۽ وات وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اتي هر وقت ذهني ۽ جذباتي گهرو لڙائي جاري رهي ٿي، جن گهرن ۽ گروهن ۾ ڪي فرد ترقي پسند سوچ وارا آهن ۽ ڪي سٺاچري ترقي پسند ۽ بنيادي طرح رجعت پرست يا زمانہ ساز سوچ وارا آهن تن ۾ تہ سوچن جي اها جنگ اڃا بہ وڌيڪ اڻانگي ۽ پيچيده ٿيو پوي ٿو تہ صفا ۽ سنئين سڌي رجعت پرست سوچ سان ويڙهہ اهڙي ڏکي ناهي جهڙي سٺاچري ترقي پسند ۽ بنيادي طرح رجعت پرست يا زمانہ ساز سوچ سان.

www.sindhsalamat.com

پنهنجي پٽ ۾ پنهنجي ڏرڙي اسند سوچ جي هڪڙي مکيه علامت اتفاق سان آهي ته ٻي پيو آهيان. انکري جيڪي ماڻهو سون سان گڏ پنهنجي طرح پنهنجي سوچ جي ۽ خلاف آهي سي سون سان گڏ پنهنجي سوچ جي سار سنڀال لهڻ ۾ لڱا وسارين.

هر قسم جي مخالفن ۽ سندن داخل ڪيل ڪيسن جي ڪمي ڪاهي. اهو هجان ته هجان، ڪيس جي شنوائي چوڻ، ڪلاڪ چالو آهي. نهايت "غيرجانبداري" "همدردي" ۽ فضيلت وارن لفظن ۾، مثالن، ثابتين ۽ دليلن سان پنهنجي سوچ کي هڪڙي غير عملي ۽ هوائي سوچ، هڪڙي ارهت ڏالهن منهن ڏيڻ واري حرڪت، هڪڙي معاف نه ڪرڻ جهڙي حماقت ثابت ڪري ڪيس عملي طرح هڪڙي گار، هڪڙي لعنت ۽ هڪڙو ڏوهه بنائي، ڪيس سون سان گڏ اڻ ٿي پهر بار بار سنگسار ڪري بار بار سوريءَ تي چاڙهيو ٿو وڃي.

ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ. بلڪ، ڦڙيءَ ڦڙيءَ ماڻهوءَ کي پاڳل ته بنائي سگهي ٿي. تو ٻڙهيو هوالدو ته چين

۾ جيڪي ماڻهو هر قسم جي عذاب جي باوجود
حاڪمن کي منوت لہ ڏيندا هئا تن کي پـڏي
سوگهو ڪري انهن جي مسيءَ مٿان پاڻي ڦڙو ڦڙو
ڪري ڪريندا رهندا هئا تان جو هو پاڳل ٿي
پوندا هئا. اڏوهي جا ذرڙي جيترا جيوڙا زبردست
درخت ڪيرايو رکن. ڪٺ جا ذرڙا لوهہ کي بہ
الدران کايو چٽ ڪريون ڇڏن. انن پهرن جي
اڻ ڪٺ سقدسي بازيءَ، دالهن، فريادن، ڪن حالتن
۾ طعنن، مهڻن ۽ گوڙهن جـي وضاحت جـي پوڏ
اڳيان عقل ۽ سمجهہ ۽ واجبي ۽ بي واجبي جو
ڪهڙو بندوبست جهلي سگهي ٿو ۽ سو بہ هڪڙي
اهڙي ٿورڙي عمر، ڄاڻ ۽ تجربي واري ماڻهوءَ جو
عقل ۽ سمجهہ جيڪو ڪن جي احساس جي بار
هيٺ دبيل هجي تہ ڪن جي ڏکين، پيچيدن ۽
ظاهري طرح لاعلاج ڪمسن ۾ بچاءَ جي وڪيل جي
حيثيت ۾ احساس ڪمتريءَ ۽ احساس جرم جو شڪار
ٿيل هجي ۽ جنهن کي هڪڙي سوچ ۽ هڪڙي
وات وٽان جيڪي طلبجي سو هڪ تريءَ تي تيار ٿي

www.sindhsalamat.com

ملي سگهي ته بي وٽان رڳو نصيحتون، واعظ، فرمائشون ۽ حڪم اما مرن!

تنهن ڪان پوءِ ٽون اهڙي گهر ۾ پيدا ٿيو آهين جنهن جا اڪثر ڀاتي پنهنجي ننڍڙي پتڪڙي دنيا ۾ ٿورڙا اهم ۽ مشهور آهن ۽ انهن جي ٿورڙي اهميت ۽ مشهوريءَ جا اولڙا توتي به پون ٿا. تنهن سان گڏ تنهنجي پنهنجي ننڍڙي دنيا ۾ توکي به ڪافي اهميت ۽ مشهوري آهي بلڪ تنهنجي عمر جي حساب سان اها حد ڪان وڌيڪ ٿي چڪي آهي. جڏهن کو مال ڪنهن گاهه ڀا ٻي ڦوت گهڻي ڪائڻ ڪان پوءِ ان سان بيزار ٿي ويندو آهي ته ڀاڳيا چوندا آهن ته ڪچرجي ويو آهي. ٽون به حد ڪان وڌيڪ اهميت، شهريت ۽ مقبوليت سان ڪچرجي پيو آهين. تو وٽ الهن شين جو ايترو ضرورت ڪان وڌيڪ ذخيرو گڏ ڪيل آهي جو توکي ٺ رڳو ان ۾ واڌاري جي ڪا به ضرورت ڪانهي پر ان ۾ ڪافي ڪجهه گهٽتائيءَ جي به توکي گهڻي پرواهه ڪانهي. تنهنجي سوچ

www.sindhsalamat.com

اها ڳالهيون ڏسجي ته اهي شيون ڪنهن به سبب جي ڪري گهٽجي گهرجي جتي وڃي پهچنديون اتي به اهي تنهنجي باقي زندگيءَ کي باوقار رکڻ لاءِ ڪافي رهنديون.

درحقيقت گهڻن پيڻ ڀارن وانگر تو لاءِ به ذاتي ۽ خانداني اهميت ۽ شهرت هڪڙو ڪاروبار بنجي پئي آهي. هرڪو ماڻهو تو مان هر ڳالهه ۾ غيرمعمولي توقعات رکندو رهيو آهي ۽ تون پنهنجي عزت بچائڻ خاطر پاڻ تي جبر ڪري انهن کي اڪثر پورو ڪرڻ تي مجبور رهندو آيو آهين. تان جو اٿين ڪندي ڪندي اهي توقعات تو لاءِ هڪڙو وبال ۽ ڇٽي بنجي پيون آهن ۽ تون محسوس ڪرڻ ته تون انهن جو قيدي بنجي پيو آهين.

هر وقت پنهنجي عمر، سمجهه ۽ معيار کان مٿيري عمر، سمجهه ۽ معيار جي ماڻهن جو پارٽ ادا ڪندي ڪندي تنهنجو ذهن ۽ روح رهڙجي ۽ چڙچڙي بغاوت ڪرڻ لڳا آهن.

ٻئين طرف ان سچي ذهني ۽ روحاني خرچ جي

پورت ڪرڻ لاءِ توکي جيڪا خوراڪ کپي سو
توکي ميسر ڪونهي، جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي، اڙدو
ڪتاب تون هينئر پڙهڻ جهڙو آهين ۽ پڙهڻ لاءِ
تيار آهين سي تون اڌوگاهرا پڙهي ڇڏيا آهن. انهن
مان تون پنهنجي موجوده ٿورڙي سمجهه مطابق
ٻيڪي پرائي سگهيو آهين سو پرايو اٿئي. تنهنجي
جهڙي قسم جي محفوظ، سکي سفيد پوش زندگي
آهي سا توکي انهن مان ان کان وڌيڪ پرائڻ
جون ضرورتون ۽ قوتون مهيا نٿي ڪري سگهي
ان کان وڌيڪ وسيع ۽ گهرو مطالعو تون ان ڪري
نٿو ڪري سگهين جو اول ته توکي تنهنجي قسم
جي زندگي ان جي ضرورت مهيا نٿي ڪري ٻيو ته
دنيا جو ٻرو توڙي سنئو چوٽيءَ جو علم، ڇاڻ،
وندر علم ۽ سائنس بين الاقوامي ٻولين ۾ آهي
جهڙوڪ انگريزي، فرينچ، جرمن، روسي وغيره.
انهن مان توکي هڪڙي به نٿي اچي، اهڙي طرح
تنهنجي ذهن ۽ روح جا موجوده سرچشما سکي
خشڪ ٿي ويا آهن. ٻين ٽائين تنهنجي بي علميءَ

www.sindhsalamat.com

جي ڪري تنهنجي پهچ کان ٻاهر ٿي.

جيتري قدر تنهنجي پڙهائيءَ جو سوال آهي تون برابر پڙهي سگهين ٿو. جهڙيون تنهنجون ساڻگار حالتون آهن تهڙو توکي زبردست ۽ مثالي ڪاميابيون حاصل ڪرڻ گهرجن. پر بهرحال توکي شاباس آهي جو تون پنهنجي ڀيڻ ڀائرن جي ڀيٽ ۾ چڱو پڙهي ٿو. اميد ته تون همت ڪري پڙهندين ۽ پنهنجي دل گهري منزل تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيندين پر سوال آهي ته جيڪو اياز ان منزل تي پهچندو سو ڪهڙو ماڻهو، ڪهڙو اياز هوندو؟ ان ڳالهه جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته اياز ڪهڙي سوچ سوچيندي ۽ ڪهڙي زندگي گذاريندي ان منزل تي رسي ٿو. عام طرح اعليٰ تعليمي ڪاميابي حاصل ڪري ۽ اعليٰ ملازمت حاصل ڪري ماڻهو فقط سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح ماڻهن جو رت چوسيندو هزارين لکين چورن ۾ هڪڙي وڏيڪ چور جو ملڪ چورن جي هڪڙي روڏيڪ ڪتب جو اضافو ۽ انهن جي پالنا ڪندڙ

رهيا آهن. هڪڙو خود غرض ۽ خود پرست حقيقي طرح احمق ۽ جاهل صاحب، هڪڙي اندر جي ڪاري پاهران پيٺت ڏيل گڏي ڏائيپ سيم صاحب ۽ چار پنج لنڊڙا حرام خور رت چوس صاحبزادا ۽ صاحبزاديون ۽ شين ۽ سامان جا ڍڪجهه انبار، الا۔ الا خير صلاح، ماڻهن جي لفظ نظر کان انڌيءَ رڌيو، ڪٿيءَ چٽيو!

هوچن لالا هرنام تعليم بابت جا چيو هو سو توکي چڱي طرح ياد هوندو ”هي تعليم تو وٽ قوم ۽ وطن جي امانت آهي. ان کي ڪرسي ماڻڻ لاءِ نه، پر قوم ۽ وطن جي خدمت ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻڻو آهي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو واقعي تمام گهڻو چاهي ۽ تمام گهڻيءَ ۽ لڳاتار ڪوشش ڪري ته زندگيءَ جي گهري مشاهدي ۽ وسيع ۽ اونهي مطالعي وسيلي جيڪي رڪاوٽون دور ڪري ماڻهپي جي وات تي قدم تمام گهڻو اڳتي وڌي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com

مثال طور عام طرح برابر مشهور ماڻهن جو
اولاد پوڙو ڪولي پاريندو آهي. هر ان جي ابتڙ
خاص مثال به آهن. موتي لعل نهرو پاڻ به سرمائيدار
سياستدان هو، پر هن جو اهرلعل ڪانئس وڌيڪ مشهور
ٿيو ۽ پوتس اندرا به گهٽ ڪانهي. ڪم ال سين
جو ڏاڏو ۽ پيءُ، پاڻ به مشهور وطن دوست ۽
انقلابي هئا پر سندس پٽ به پنهنجو مٽ پاڻ آهي.
هوچي منهه جي خاندان جي سچي توڪي خبر آهي.
ناديا جي مڙس جو سچو گهر ساڳئي رنگ ۾
رنگيل هو. ساڳئي طرح ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن
جن جي زندگيءَ ۾ ظاهري طور ڪو وڏو ڏک يا
محرومي ڪانه هئي. مارڪس، اينجلس، لينن ۽
چو اين لائي ڏکين پکين گهرن جا اولاد ڪونه هئا
اهي ذاتي ڏک جو نه پر زندگيءَ جي وسيع
مشاهدي ۽ مطالعي جي واٽ وٺي پنهنجي اعليٰ
آدرشن ۽ تاريخ ساز ڪارنامن جي منزل تي رسيا.
ٻي طرف بي اندازه ماڻهن جي زندگي ڏکن سان ڀمتار
آهي پر هو پنهنجي ڏر جي پاسي نه دشمن جو

www.sindhsalamat.com

ڀاسو جهلائي زندگي گذارين ٿا. رهڻي ڪهڻي جي معاملي ۾ به ڪئين خاص حالتون آهن. اينجلس هڪڙي ڪارخاني جي پاڻيوار جو پٽ هو ۽ پڻس پاران ان ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو ۽ تونگرن جي زندگي گذارڻ تي مجبور هو. پر اها فضول ۽ واهيات زواليت ڏانهن ليندڙ زندگي کيس دوستن کان، پنهنجي عظيم آدرشن ۽ منزلن کان دور ڪري نه سگهي. هو فقط ڪنهن حد تائين جسماني طور ان ماحول ۾ رهندي ذهني، روحاني ۽ عملي طور پنهنجي دل گهرئي دنيا ۾ رهندو هو.

وهـي منجهين وڳ، ڪٽوريءَ ڏار ڇـري
ماءُ منهنجي ڪرهي، ٻڌر ٻڳ م لڳ
جڳ ۾ سين جهڙو جڳ، هيئين سين هـٽ ڇري.

توکي خبر هوندي ته مفيد پوش مارڪس سان نوابزادي شادي ڪئي ۽ توڙ نباهي ۽ گولگر اينجلس وري پنهنجي اڻ پڙهيل لوڪرياڻيءَ سان شادي ڪئي ۽ توڙ نباهي. ان جي مرڻ کان پوءِ وري

www.sindhsalamat.com

ان جي اهڙي ئي اٺ پڙهيل ڀيڻ سان شادي ڪيائين! اهڙي ريت هنن دنيا کي ڏيکاريو ته سرمايه دار نظام جا زنجير هنن کي ذهني طرح جڪڙي نٿي سگهيا.

ڏو نيهن، ڏهه ڏانوڻيون، ٻندره ٻنڌڪ ٻياس
ٻگهاڙيون ٻغلن ۾، لڪين لوهه لڳاس
جو سڄڻ يار ٻياس ته چرڪ چاڻيين هيڪڙي!
(شاهه)

سوچون هميشه ساڳيون نٿيون رهي سگهن ۽ نه رهڻ گهرجن. انهن ۾ هر وقت واڌارو ۽ سدارو ايندو رهڻ گهرجي، ٻوڻتي سوت، واڌاري جو اهڙو لازمي جزو آهي جهڙيون لاهيون چاڙهيون ۽ ور وڪڙ، سوچون رڳو اڳتي نه ٻوڻتيون هتنديون. صحيح ايمان انڌي عقيدي تي نه ٻر شڪ، گمان ۽ مخالفن سان ڪامياب مقابلن جي ٿنڀن تي ئي قائم ۽ دائم رهي سگهندو آهي. ان ڪري شڪ ايمان جي راهه ۾ هڪ لازمي ۽ بيحد مفيد منزل آهي. ٻر شڪن ۽

www.sindhsalamat.com

ٻوٽي موڙڻ جا ٻہ قسم هوندا آهن. هڪڙا شڪ ان لاءِ هوندا آهن تہ صحيح حقيقت جي صحيح صحيح خبر پوي تہ جيئن ان صحيح حقيقت تي اٽل يقين سان عمل ڪجي. ماڳيءَ طرح ڪي ٻوٽي موڙون ٻہ ان لاءِ هونديون آهن تہ ڪ پيچي، ويساهين ڪٽي، ڦوڙون گڏ ڪري، بهتر تياري ڪري اڳتين ڪان ٻہ وڌيڪ چوهہ ۽ قوت سان واڌ رو لٽين سر جاري رکجي. ٻر ڪي شڪ رڳو سچ جي عادت ڪيل فرض سان جان ڇڏائڻ لاءِ ٻهانا هوندا آهن ۽ ”رڍ اڳتين مرڙي، ٻڌ ٻيٺي ٻکهاڙ تي“ وانگر هوندا آهن. ماڳي طرح ڪي موڙون بہ دائمي ثابت ٿينديون آهن. ڪي ماڻهو ٿورو ٻوٽي هٽي، وري گهڻو اڳتي وڌندا آهن ڪي ماڻهو ٿورو اڳتي وڌي وري يڪو ٻوٽي موڙي ويندا آهن.

جيڪڏهن ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو بنيادي مقصد صحيح ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جو فيصلو اٽل آهي تہ ٻوءِ شڪ خراب نہ، پلي ۽ اٽ تر شيءِ آهي. الذي عقيدت نہ رڳو بيمعنيٰ ٻر لقصاڻڪار آهي.

www.sindhsalamat.com

اڪري سون سالن جا سال ٻي ڇڏي رڳو ماڻهن جي مڪاني خواهہ بين الاقوامي ويرين جون لکئيون پڙهيون هونديون ۽ اڄ تائين وچ وچ ۾ ائين ڪندو اچان. آءٌ سندن هر دليل، هر ثبوت تي بلڪل کلئي دماغ ۽ صاف دل سان ڳوڙهو ويچار ڪندو رهيو آهيان ۽ توڙ تائين ڪندو رهندس. تنهن ڪري آءٌ موجوده سوچ، مقصدن ۽ آدرشن تي ٿوري کهٽي پٺسي ڏکي جيتري مضبوطيءَ سان قائم رهي سگهيو آهيان ۽ ان سان گڏ ٻيو بنيادي سبب اهو به هو جو منهنجي زندگيءَ جي هر پل جي تجربي ۽ سوچ جي ڪري منهنجو انهنجي وڏهہ واسين سان وفاداريءَ ۽ انهن جي ويرين خلاف وڙهہ جو وچن اٽل هو. منهنجي سدائين اها ئي ڪوشش رهي آهي ته حالتون ڪهڙيون به هجن، چاڙهہ هجي چاهي لاٿ، چاهي سڪار هجي چاهي ڏڪار، اهو وچن ڪنهن به صورت ۾ وسارڻو نا هي.

زندگيءَ جي ابتڙ واٽن مان صحيح واٽ ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ هر قسم جي حالتن جي باوجود انهن

تي ثابت قدم رهي اڳتي وڌندو رهڻ توڙ لباهڻ زندگي جو سڀ کان مکيه ۽ بنيادي سوال آهي

زندگيءَ لاءِ چونڊيل وات ڪهڙي به صحيح ۽ عاليشان هجي ها جي ان تي ثابت قدميءَ سان قائم نه رهبو، اڳتي نه وڌبو، وات ۾ ئي گهه، ڪري ويهي رهبو يا گوهي ڏيئي ٻوٽتي پيچي اچبو ته به ماڻهو منزل تي ڪين رسندو. لطيف صحيح راهه ڳولي لهڻ، سمجهڻ، ان تي ثابت قدميءَ سان هر حال ۾ توڙ تائين وڌندي رهڻ تي سڀ کان وڌيڪ زور ڏنو آهي. سندس چوڻ آهي ته صحيح راهه سڃاڻڻ کان پوءِ، سواءِ اڳتي وڌڻ جي ٻي ڪنهن حجت حيلي جي گنجائش ئي ڪانهي. صحيح راهه لڌي معنيٰ ان تي اڳتي هلڻ شروع "جنين ڏني جوءِ تنين ڪيهو ڪوڙ ڪين". "جاڻي سڃاڻي، وهان ڪيئن ماٺ ڪري". "هوت هلن، آءٌ ويهان، ته ڪا اُن جڳاءِ؟" پوءِ ڪنهن به صورت ۾ ڪنڊ ڪيڏو يا موڙ ڪونهي. "ڪين ڪليو ڪنڊ، منجهان مگ سيه چئي". "هلندي جيين ڏي ڪرها

موٽ مرڻ کنڌ". ڪھڙيون ٻه تڪليفون اچن ورچي پڇڻو ڪونهي. ثابت قدم رهڻو آهي. "ڪين هلي ڪين هٿ ڪٽي، ڪين رڙهي ڪين روءِ"، "ڪندي ٻنڌ ٻهاڙ ڏي ٽيڙم روح رڙيون!"، "موٽي مران مرڻ سماءِ موٽڻ ڪان اڳي مران!"، "سوريءَ جي مزاوار ڏيهاڻي چنگ چڙهين، جيم ورچي چڏيئن مڪڻ جي ٻچار...". هر هر منٿ يا مڏوسڌ جو انتظار ٻه ڪرڻو ڪونهي. سمجهو مڙس کي هڪڙو اکر ڪافي آهي. "اکر جيٽي هيڪڙي ٻهون جي نه ٻجهن، ڪوهه ڪبو تن کي سجي سٽان ڳلهڙي؟"

اڪثر اها منزل ٻه ايندي آهي جڏهن سموريون ڪوششون في الحال ناڪام ٿي وينديون آهن ۽ ائين لڳندو آهي جو چڻ ته جو ڪجهه ڪيو ويو سو اجايو هو ان مان اصل ڪجهه ورڻو مرڻو ڪونه هو؟ لطيف چوي ٿو ته صحيح ڳالهه مان وفاداري توڙ تائين قائم رهڻ گهرجي. ڀلي اها ختم ٿي وڃي، ڀلي ان جو نالو نشان ٻه ظاهري طرح ختم ٿي وڃي ته ٻه مڙس اهو جو ان وفاداريءَ تي قائم

www.sindhsalamat.com

رهي، ان کي ڪڏهن، ڪهڙن به حالتن ۾ پٺ نه ڏي ۽ ان کان لا دعوا نه ٿئي.

هر ڪي سال ٿيا، هنج هوئو ٿي ٻڌر
ڪنگ ويچارو ڪير، جو رمي الهيءَ رمز کي.

ٻئي طرف غلط وات تي انسان جيتري محنت، ايمانداريءَ، همت ۽ ثابت قدميءَ سان وڌندو ۽ جيترو تيز هلندو، جيترو "ڪامياب" ٿيندو. اوترو ئي صحيح مقصدن ۽ منزلن کان پري ٿيندو ويندو.

جيڪڏهن توهان صحيح وات ڇڏي انفراديت پرستي، خود پرستي، زمانه سازي ۽ دنياداريءَ واري وات وٺندين ته ان وات تي جيترو تيز هلندين، جيترو اڳتي وڌندين ۽ جيترو ڪامياب ٿيندين اوترو دنيا جي هر پيار ڪرڻ جهڙي ڳالهه ۽ بقصد ۽ هستي کان پري هٽندو ويندين. اها وات توکي پنهنجي سان گڏ مون کان ۽ پنهنجي سچي ساٿ کان پري وٺي ويندي. بدر جي جنگ ۾ هڪ ٻئي هڪڙي ڀاسي هو ته پٺ ٻئي ڀاسي. "ٻان بهتا رها" ناول ۾ به اٿين

آهي. هڪ ٻاءُ ماڻهن سان، ٻيو وري انهن جي ويرين سان ته ٿيون لڪيو تماشائي ۽ ٿياڪڙ.

ظاهر آهي ته اڄ ٻنهنجي وس آهر توکي ماڻهن جي مخالف راه تي تماشائي ٿي رهجي وڃڻ يا ڳاريخ جسي شهزور گهوڙن جي سمن هيٺ لتاڙجڻ ۽ ماڻهن جي حقارت يا نفرت جو شڪار هرگز ٿيڻ نه ڏيندس. ان لاءِ مون کي جيڪي به ڪرڻ ضروري ٿيو تنهن جي ڪرڻ ۾ ڪابه هڪ محسوس ڪانه ڪندس ۽ ڪابه ڪوتاهي ڪانه ڪندس.

هر بنيادي طرح اهو ڪم تون ئي ڪري سگهين ٿو ڪوبه ٻيو نه..

تيرے آزار کا چارہ نہیں نشتر کے سوا،
اور یہ سفاک مسیحا میرے قبضے میں نہیں
اس جہاں کے کسی ذی روح کے قبضے میں نہیں
ہاں مگر تیرے سوا، تیرے سوا، تیرے سوا!

تون ٻنهنجي ذهن جي ڪمزورين، پسمانده گين، غلط سوچن، عملن ۽ لاڙن سان مڙسي سان ويڙهه

ڪري پاڻ کي انفراديت ورسيءَ جي گنديءَ ڏيڻ
مان ڪيڏي سگهين ٿو. تون نوجوان آهين، ذهين
۽ باصلاحيت آهين. تو کي سٺا دوست آهن تون
انگريزي سکي وڏي مطالعو ڪري سگهين ٿو ۽
پنهنجي ذهن ۽ روح جي سڪي ويل پاڙن کي
وري سرسبز ڪري سگهين ٿو.

باشعور ۽ باضمير ماڻهن لاءِ ذهن، ضمير ۽
روح جا رشتا رت جي رشتن کان به وڌيڪ اهم
آهن. اولاد، مائٽ ۽ عزيز قريب نهايت پيارا آهن.
پر جن سان ذهن، ضمير ۽ روح جا رشتا آهن
انهن لاءِ پيار سان گڏ لازمي طرح عزت به هوندي
آهي، انهن تي فخر به هوندو آهي. اها ڳالهه رت
جي رشتن ۾ هر حالت ۾ لازمي ناهي. پنهنجي وچ
۾ رت جي رشتي سان گڏ ذهن، ضمير ۽ روح جو
رشتو به آهي. مون کي تو لاءِ نه صرف پنهنجي
رت هئڻ ڪري بيحد پيار آهي پر تو کي هڪڙو
باصلاحيت، باشعور ۽ با ضمير ماڻهو سمجهندي
مون کي تو لاءِ عزت به آهي ۽ تو تي فخر به

www.sindhsalamat.com

آهي. پاڻ، پاڻ ۾ ايءُ پڻ هجڻ سان گڏ دوست ۽ ساٿي به آهيون.

اڄ ٻيءَ جي حيثيت ۾ توکي سخت تاڪيد ٿو ڪريان ۽ دوست ۽ سينئر ساٿي جي حيثيت ۾ توکي زوردار هدايت ٿو ڪريان ته پنهنجي زندگيءَ جو، عام زندگيءَ جو ۽ زندگيءَ بابت علم جو گهڻي سر ۽ اونهو مطالعو ڪر، زندگيءَ بابت پنهنجي فلسفي، عالمي نقطءِ نظر ۽ سوچ جو گهڻي سر تنقيدي جائزو وٺ ۽ ان کي درست ڪر؛ فولادي قوت ارادي‌ءَ کان ڪم وٺي، لنهن چوٽيءَ جو زور لڳائي انفراديت پرستي، خود پرستي، آرام طلبي ۽ زماني سازيءَ جي گندي ۽ غليظ ڏٻڻ مان ٻاهر نڪر ۽ وري به خدا جي خلق جي ڀلي واري روشن ۽ ترقي پسند سوچ ۽ عمل جي ساٿ ۾ هڪڙي باشعور ۽ باعمل مزدور، بهادر سپاهي ۽ دانا عالم جي حيثيت ۾ پنهنجي قطار ۾ شامل ٿي پنهنجي عزت ۽ شان واري جڳهه وري به حاصل ڪري اڳتي وارو جاري ڪر.

www.sindhsalamat.com

چيچ م َ قطار، ساٽ چڙهندو لڪيئين،
سڄڻ تنئين ھٿاءِ، وڳ وات ڏيي نه لهين!

هنن حالتن ۾ آءٌ فقط ٿورڙو وقت ڪجهه لکي پڙهي سگهان ٿو. ان ڪري اهو ٿورڙو وقت مون لاءِ نهايت انمول آهي- ڇو ته مون لاءِ پنهنجو لکيو پڙهڻ ۽ وري فيئر ڪرڻ هڪڙو عذاب آهي. اهڙين حالتن ۾ منهنجو توکي هن دکهي خط لکڻ ۽ تو تائين پهچائڻ جي اتاولکي مهر هلائڻ مان تون ڪجهه اندازو لڳائي سگهندين ته هي مسئلو مون لاءِ ڪيترو اهم ۽ نازڪ آهي ۽ مون کي تنهنجي صحيح آئيندي بابت ڪيڏيءَ پريشاني ۽ ڪهڙا انديشا آهن. مون کي اميد آهي ته ان حقيقت جي روشني ۾ توکي هن ڳالهه تي جيترو ڌيان ڏيڻ گهرجي اوترو ڏيندين.

ڪسر چنڊ ڪنوات! وڪون وجهه وڌلديون
مئين مهرين جي، ولگي پيانءِ م َ وات
چنڊي جهوري ڏي جهات، ته هولدي رات هٿ مڙون!

www.sindhsalamat.com

پاپا سائين، پنهنجا روحاني ۽ ذهني وڏا، جن تان پنهنجي جسماني وڏن جهون سؤ پشتون قربان ڪيون، تن جي ڳالهه ته خير ڇڏي رهي پر پنهنجا جسماني وڏا به گهٽ ڪونه هئا. غريب ۽ بيسمجهه هئا پر خدا پناه ڏي، زماني ساز ۽ پاڙيا ڪونه هئا. پنهنجي وقت بسمجهه ۽ ماحول آهر ڪنڌار سڙس هئا. ڪڏهن به مهل تي ڪنڌ هيٺ ڪري گهر جي ڪنڊ ۾ ڪونه لڪا. سدائين هڪل سان هڪل ڏنائون.

پاڻ ڪي به مڙسن جي اڳين صفن ۾ ويهڻو آهي، پوين ۾ نه. رڳو نالو ڪرڻو ڪونهي. ٽيهن اسن جو زور لڳائڻو آهي. ٽياڪي ٽيڻو ڪونهي. توڙ ڪرڻو آهي.

اهڙين ڳالهين ۾ معيار جو گهاٽ مڙسن لاءِ تلوار جي گهاٽ کان به وڌيڪ ڏکيو آهي. پاڻ کي اهڙين ڳالهين ۾ پاڻ کي ڪڏهن به هرگز هرگز معياري ڪرڻو ناهي. خود روزمره جي ڪرڪار ۾ به شڪايت جو جائز سبب ڏيڻو ڪونهي. شڪايت

www.sindhsalamat.com

مڙس لاءِ ٻانهو آهي، ٻيلا ۽ ٻڌاتا تازي وهٽ پاڻ کي ٻانها ڪوله هٿائيندا آهن. وڳو اشاري سان منزلون ماڻيندا آهن؛ وڏيڪ تون پاڻ سمجهو آهين.

لک لاکيڻو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڳڏوم
اڳڻ سولهن ٽيوم، سله، مهانگو م۔ چئوا!

لک لاکيڻو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڪاه...
ڪٿ نه، ڪند ڪاٺ، جي پلاڻيو، ته،
پرين ۽ مڙي!

ڏڏهڙجو ٻاٻڙا

www.sindhsalamat.com

# اداري طرفان ڇپيل ڪتاب

اسان جي اداري کي قائم ٿئي سال ٿي چڪو آهي. اسان پنهنجي اداري جي پهرين سالگرهه ملهائي رهيا آهيون. جنهن موقعي جي نسبت سان هي ڪتاب "سالگرهه نمبر" ڇپائي رهيا آهيون ۽ اداري طرفان سال دوران جيڪي ڪتاب ڇپايا ويا آهن انهن جي به فهرست ڏئي رهيا آهيون.

اسان جي اداري طرفان هيٺيان ڪتاب ڇپايا ويا آهن.

١- للڪار

٢- بهار

٣- جي ماريا نه موت

٤- انگولا ڪيئن آزاد ٿيو.

٥- هاري جي سجاڳي

٦- ڀراڙو ڳوٺ نئون ڳوٺ

٧- ويتنامي ڪهاڻيون حصو ٻيو

٨- جن جهولا ڳڙهه جلايو

٩- هوچي منهه جي آتم ڪهاڻي

www.sindhsalamat.com

۱۰- عورت ۽ انقلاب
۱۱- مائو زي تنگ جا مضمون
۱۲- اسان جا ڀنڊ ڀاڙ جا
۱۳- جنم قيدي
۱۴- وڳ ڪيئن وسرياءِ (سالگرهه نمبر)

اسان جي سفر جو قافلو پنهنجي منزل ڏانهن وڌي رهيو آهي. هن سالگرهه نمبر ڪيڏي سان ڪاٻه خوشقهمي نه ٿي آهي ته اسان ڪو وڏو ڪم سرانجام ڏنو آهي.

ڇو ته اسان جون راهون، بقول محمد خان مجيدي جي اسان جا پيرا اڃان به اڳتي، اسان جا رستا اڃان به اڳتي ... اڃان به اڳتي - اڃان به اڳتي -

ڀـــاران
سيڪريٽري
سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
ڳاڙهي کاٽو حيدرآباد

www.sindhsalamat.com

# ياد رک

تو وٽ تنهنجو عقل ۽ تنهنجو علم،
تنهنجي وطن ۽ قوم جون امانتون آهن.
امتحان پاس ڪري وطن جي ويرين وٽ
ڪرسي مباڻ،
تنهن ڪان وڏي بي حيائي، ذلالت ۽ غداري
ٻي ڪانهي.
پنهنجي علم کي پنهنجي وطن جي ڦٽل نصيب
سنوارڻ لاءِ وقف ڪر.

پنهنجي حياتي جي پَل پَل سان،
قوم جي تاريخ ۾ سونهن ۽ سينگار پيدا ڪر،

ويٽنامي شاعر: توڏي دين

سنڌيڪار: رسول بخش پليجو

www.sindhsalamat.com